هفتيوار

# برسات

ڪراچي

1



شيخ اياز جي نئين تخليق

**”ٻن چڻ ٻچاٽا“** - برسات ۾

پهريون ڀيرو شايع ٿي رهي آهي.



علي احمد بروهي جو انتهائي

اهم انٽرويو

Gul Hayat Institute



امر جليل جي ڪهاڻي

**مٺي ڇا ماڻهو**

۽ ٻيو گهڻو ڪجهه

قيمت: ۵ رپيا

# هفتيوار برسات ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
يوسف شاهين

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ناصر حيدر

ايڊيٽر:
عبدالرحمان بليجو

چيف رپورٽر:
طارق بيگ

مئنيجر:
محمد يونس

نمائنده سنڌ:
منظور روشن

جلد: ١٠ — شمارو: ٧١

## ڏاڙيل

اڄ ڪلهه
سڄي سنڌ مان
ڏاڙن جون خبرون اچي رهيون آهن
اخبارون پڙهڻ سان
ائين معلوم ٿئي ٿو ڄڻ ته
سڄي سنڌ ڏاڙيل بڻجي وئي آهي
آخر ڪهڙا ڪيس ٿيا آهن
ڪهڙو ويل وهيو آهي
سنڌ وارن کي ڇا ٿي ويو آهي
هنن کي ڪنهن ڏاڙيل بڻايو؟
ڪراچيءَ جي اخبارن کي
اڃا به زورائتي انداز سان
انهن خبرن کي ڇاپڻ گهرجي
۽ ڪڏهن ڪڏهن
سنڌ جي حقن تي لڳل ڏاڙن بابت به
خبرون ڏيڻ گهرجن.

هي پرچو افروايشيا پرنٽنگ پريس ناظم آباد ڪراچي مان يوسف شاهين ڇپائي پڌرو ڪيو.

Gul Hayat Institute

*

اهو سوچي تہ آلندي جي موت کان
ٻہ ڏينهن پهريون نروڌا اسپتال ۾ ڪيئن منو،
مان پنهنجي موت جي ريهرسل ڪري
رهيو آهيان!

جيستائين مان اهو نہ ڄاڻان تہ ان جو دروازو
ڪهڙيءَ گهڙيءَ ۾ کلي ٿو، ۽ آها ڪيڏانهن
وڃي ٿي ۽ ان جو نالو ڇا آهي،
تيستائين مان هن گهر کان ٻاهر وڃڻ
نٿو چاهيان،
موت، دربان فرشتا، تون ان جو دروازو
ڪهڙي ڇڏ،
ڇو تہ مان ٻاهر گهڙيءَ ۾ اچا وڃڻ نہ ٿو
چاهيان — گهٽي جنهن جو نالو بہ مونکي
معلوم نہ آهي.

(ڪارڊيو واسڪيولر انسٽي ٽيوٽ ڪراچي مان)



Gul Hayat Institute

# هيڪو

[ شيخ اياز جي نئين تخليق "ٻن چڻ ٻچاٺا" تان ورتل، جاپاني طرز تي لکيل هيڪو – اڻ ڇپيل ڀهردون ٻيرو برسات ۾ شايع ڪجن ٿا ]

○

چا تو سمجهيو تن؟
هي جي ڪُوڪي ڪوئليون
وڃڻ وايون ڪَن!

○

ٻيڙا ڏڙڪن ٿا
سِڙهه ڪنهن آويساهه سان
ٿَڙ ٿَڙ ٿڙڪن ٿا

○

اڄهو سهڙيِ سَنجهه
هالي اکيون ٻوڙيون
چا ليءِ ڪَنجهو ڪَنجهه!

○

ٽڪين ٽيلهي ٽَرُ؟
اڄا گوليءَ ٻنڌ تي
آهي ٻنهنجو گهرُ

○

رهندو وڃي ٻاءُ
سُڃي رستي تي رُڳو
ٻيرن جو ٻڙلاءُ!

○

ڪنهن ڪي ناهي ڪَر
ٽينگر ٻر جي ڏون اچين
مون وٽ ٻکين ٻَر

○

آپ ۾ سمائو،
ٽاري لُڏندي ٿي رهي
ٻنڇي آڏائو.

○

مون ڪي ان مان ٻَوُ
اڄا ڏو ۾ شاعري
جياپي جو ڏَوُ!

Gul Hayat Institute

○

لوڙهو، ليءِ وَڻَ
ٻنهي پاسي واءُ ۾
ڪيڏي ڪنگوءَ ڇَڻ! *

○

تنهنجي ڏاتِ تنوارِ،
ڪارا ڪڪر آپ ۾
هيٺان پَٽَ ڪُنوار ـ *

○

تِتر ٻولن ٿا
ڪي دروازا ڏنڌ ۾
مون ليءِ کولن ٿا

○

لِڪي ڪِين لِڪيون
پياري، تنهنجون ڳالهڙيون
جهڙيون مورَ ٽڪيون

○

آمڙ تنهنجي نَٿّ،
دانهين مون تي ٻيو ٿيا
ٿَر جا ٿوهرَ هَٿَ!

○

مون مَنُ مروڙي
پريان ٻني مينگهواڙِ
مريڙو نوڙي

○

هورهيو ٻولي *
ٻاٽياريءَ جي پريت ۾
مون کي رڻ رولي

○

ڪاري ڪبڙ هيٺ،
سِر تي جهلي ٻيلهڙو
ٿڪجي ويٺي نيٺ!

---

* ڪنگو — لئي جي وڻ جو گل * هورهيو — ٿر جو پکي * پٽ ڪنوار — ٿر جو گاهه



Gul Hayat Institute

○

ڏات مـڱان ڏاتار،
جوڙي ٽُنَل جيڏڙا
ڳنڍيان ڳنڍڻ هارَ!

○

ڪَتَ، وڏيرو پَٽُ۔
ٻيڻي آهي ٻَٽَ ٽي
هيٺ رتُو نبي رُتَ *

○

مار نه ٻاٽي ٻَرُ
جنهن جي اکين ۾ ڇُلي
تو سارو ڪينجهر

○

آهو ڦاڪُ مٺان
گُل ٽڙن ٿا اڳ جيان
مان مُرجهايو هان

○

چوندين ڪوئل ڪي؟
اڄڪلهه ٻارا پوهَه جا
ساوڻ ڪي نه سڏي!

○

آڌيءَ رات مٿان
چنڊ ته ٻيٺو ڪونه آ
مان ئي ٻيٺو هان

○

سرَءُ، ٻنيون، ٻگهه
آيرڻ ليءِ آئي هُئي
ڏرٽيءَ ساري سگهه

○

ڪُڙن ٻيا کنڊ،
پروهت ٻهچي وٻا
توکي ايڏي ننڊ!

* رتو نبو — ٻاٽيءَ جو ڀڪي

Gul Hayat Institute

○

اڄُ نہ آڏارون
موکي ڪالھہ مري وئي
ٿا ساريل ٿارُون

○

ھائي نہ ترساءِ
مون جي گجرا پوئِيا
منھنجي ھَٿان ڀاءِ!

○

ڏُس ھي خالي مَٽَ!
موکي ڪالھہ مري وئي
ڳاٽَ لڳن ٿا ڳَٽَ

○

ڪيڏو ڏور اچان ؟؟؟...
اڄ نہ ڪَرھل ڪُنڪيو
ھاڙ ھي لڪَ مٿان!

○

پيرو پڄنو ھان؟
جڳ سان ناتا ڇو ٽُٽا
ڇا مان وڃنو ھان ؟

○

اڄ جو ٽَڪا انگ،
ناچ ڇُپايا ڪيترا
ماڻھوءَ کان مرڏنگ!

Gul Hayat Institute

○

ڪِنوڻ ڪوڏي ڪينَن،
آس آياريءِ سُپرين
ڪَتيءَ ڪَکَر جيئن!

○

سانت تہ چڳي ھُونءَ،
ٻر جو ڪٿي ٻولڙي
آمي ڏار ڇَتونءَ!

○

وڏي آسَر جَنڊُ ـ
جيجل ! تو جاڳائيو
سارو مانديءَ منڊُ ۔

○

تو تہ چوين ٿو، "لک!"
ڳولهي ٿي ڀي ڳالهہ کا
منهنجي هَڏَن مِکُ ۔

○

کينن ورائيان سَڏَ !
ٻنيان ڳوري چپ آ
اڳيان اونهي کَڏَ ۔

○

اڄڻو آهہ بسنت
پيارا، ڪويل ڪُوڪَ ۾
آهہ سياري انت ۔

○

پاڳ جڏهن ٻڌجن
اپري سيري ساٿَ جُون
ڳالهڙيون ڳڻجن !

○

سَرتا، هي سِرَ ڏڙَ !
وَٺيو پينگهون ہٺَ جون
لُڏُ نہ اوچي ٻڙ !

○

ڪِٽي سِي ڳيانڙيون !
وجهو وَرَ وٽن ۾
ڪَرڪَن ڪورانڙيون ۔ ※

○

کهڙا سفر سالڳ !
اڳيتي رُٺ راڙا ڪري
ڪرنگهن مٿان ڪالڳ ۔

---

※ ڪوراڙ ـ هڪ خطوناڪ نانگ

Gul Hayat Institute

متان لهين سِجَ !
متان ٻوي رانڙيِ
منهنجيءَ جهوليءَ ٻجَ ...

آجو ڀانءِ نہ تون
ڪَنبو تنهنجي قرض جو
ڏرتيءَ ڇُپي مون.

ڪَهڙا رُتِ ڦيرا !
ساڳيا وَڻَ چوليءَ مٿان
ڳِجهن آکيرا

ڏِسُ تہ سياري ساڙُ !
ڪوهيڙي ۾ ويو ڇُپي
سج کان اڳُ ٻهارُ.

ڇِنا ٻيا ٻہ ٽہ ڪوڙُ
مُنهنجي مَنهَن جي مٿان
ڪيڏي مينهَن ٻتوڙُ!

ڳهاوَ جڏهن ڳهائن
اوُليون ٻوُليون ڳالهڙيون
ويہ نہ ورجائن.

او شَل ٻنڌَ ٻُڃن،
مٿي تارا آبَ ۾
هيٺ ٽليون ٽمڪن.

ٻاهر آ طوفان،
ڇَپَر ڇنيي ٽو ٻيو
آڏي روشندان.

Gul Hayat Institute

○

ٻَهرن تي ٻيٺي
رات جنيندي ڪيترو
ويٺي ڙي ويٺي!

○

ڪوهيڙي ڪنهبو
ڳاڙهي ٻڪيءَ ڇُهنب سان
ڳائيندي ٽوپيو.

○

ڪَنگ چٽي ڪُرڙي -
جلسي ۾ شاعر ڏسي
اچ آئي ڏرڙي.

○

ويري تنهنجي ٻچ!
ڪلرُ ڪيري ڪوٽ ڪي
متان ٻگهن آچَ!

○

هِت نہ هُيون ڪالهہ
هيڏيون ٻگل ڪنگريون
ايڏي ڇڱل مالهہ!

○

نِنڊ ٻيو سيڪو،
دَسَ لڳا، دَر ٻُوريا
ٻير سُتو ٻيڪو.

○

هو جي جَن نہ ڪَن،
او شَل ٻَوَن مينهَڙا
ڳونگا واهہ ڳَجن!

○

ڏنگڙ ڏهہ ڏهہ ڪن،
اڃ نہ ڏٺم وات تي
ڳهوٽ متي ڳهوڙن!

Gul Hayat Institute

دودو ڳـول نہ تـون،
سـارو رَتُ چُهـي وئـي
وڪِهہ سـنـدي پون!

○

مـاري سـاري ٽـَر
پـر جي آڏرين ڪُونجڙي
لـمـو ڳاٽ نہ ڪرِ!

○

پوُندو نہ ڏي پُون
وري انهيءَ دوار ٽي
اچڻو آهين تـون!

آسي محمود "زميني"

## غـزل

داستانُ دل پـڌائـــڻ ٿـو گـهـران،
يار دل جو ڪجهہ ڳهٽائڻ ٿو گهران.

بندگي جو لطف ڪجهہ حاصل ٿئي،
تو اڳيان سر ڪي جهڪائڻ ٿو گهران.

نقش دل تــي جـــا رهجي وڃي،
ڪا گهڙي اهڙي گذارڻ ٿو گهران.

آرزو ايـڏي وڏي پــي ناهي ڪا،
بس گهڙي ڪن مسـڪرائڻ ٿو گهران.

تولاءِ گر منهنجو سڏائڻ آ بـــرو،
پاڻ کي تنهنجو چوائـــڻ ٿو گهران.

زندگي جي هر گهڙي، هـر پل پرين،
تنهنجي آمهون سامهون گهارڻ ٿو گهران.

تنهنجا مـاڻا، نـــاز ۽ انـــداز سڀ،
وقت پنهنجي لئہ ڪرائڻ ٿو گهران.

ناظرو آهي زمانـــو، تنهـن ڪري،
توکي اکڙين ۾ لڪائڻ ٿو گهران.

منهنجي هر خواهش، تمنا تـون آهين
تنهنجو ئـي آسي سڏائـڻ ٿـو گهران.

Gul Hayat Institute

سمجهيم تہ اتم هوندو. آتم ٻڌايو تہ ”هيءَ هڪ يادگار تصوير آهي، جڏهن اسان جي شادي بہ نہ ٿي هئي ۽ اسان تعليم دوران ئي ”لو مئريج“ ڪي هئي سين. سندريءَ ساڻ عمر گذاري اٿم. هاڻ سٺ سالن جو ٿي ويو آهيان، پر سُندري تہ اڃا بہ سندري آهي.“

شريمتي سندري ۽ آتم لاءِ جيڪڏهن ائين چئجي تہ هو هڪ قالب ٻہ جانيون آهن تہ بيجا نہ ٿيندو. هنن کي جيڪڏهن هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏجي تہ هوند مهاراسٽريہ ۾ سنڌي ادب جي هلندڙ گاڏي بيهي رهي. منهنجي خيال ۾ رام پنجواڻي صاحب بہ سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪري چڪو آهي. سندن ادبي محفلن ۾ وڃڻ ئي تبرڪ آهي. ادب جي گاڏي، سندري ۽ آتم جي سهاري هلي رهي آهي. اتم مون کي ٻڌايو تہ ”هو سنڌي ٻوليءَ لاءِ پنهنجي حياتي وقف ڪري چڪو آهي، ان ملازمت تان بہ ان ڪري ئي استعيفا ڏئي ڇڏيم. ٻہ نياڻيون آهن جن کي بہ پرڻائي ڇڏيو اٿم. باقي حياتي جي هڪڙي ئي تمنا رهي آهي، تہ پنهنجي وطن سنڌ جي سر زمين کي هڪ ڀيرو چُمان.“ آلين ا کين سان اتم چيو تہ ”اسان جو وطن ڇڏڻ جو ارادو هرگز نہ هو پر حالات جي ڪري مجبور ٿي پياسون.“ سندريءَ ٻڌايو تہ ”آءٌ حيدرآباد جي ناهين جي پڙ ۾ رهندي هيس. تولارام اسڪول مان مئٽرڪ ڪيو. ١٩٤٥ع ۾ پهرين ڪهاڻي ”ڏيءَ“ لکيم. بمبئي ۾ اچي ايم. اي بہ ڪئي اٿم.“

سندس ڪيترا ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا ڇپيل آهن. سندريءَ مکيہ ڪتابن جا نالا آهن: ”ڪرندڙ ديوارون“ (ناول)، ”پريت پراڻي ريت نرالي“ (ناول)، ”تو جني جي تات“ (ڪهاڻين جو مجموعو)، ”اڇا وار ڳاڙها گل“ (ڪهاڻيون)، ”ٻوري ڳڏي“ (ڪهاڻيون) ۽

”برسات“

ان کان علاوه شولو خوف ۽ ڪرشن چندر جا ناول ترجمو ڪيا اٿس. سُندريءَ کان پڇيم تہ ”سنڌي راڳيندڙن مان ڪنهن کي پسند ڪندا آهيو؟“ چيائين تہ ”عابده پروين کي پسند ڪريان ٿي.“

سُندري اڄڪلهہ ڪي. جي لکناڻي اسڪول (ڪاليج سيڪشن) ۾ سنڌي ٽيچر آهي سندري ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو بحيثيت سنڌي ليکڪا جي دورو ڪيو آهي. جتي بہ وئي هئي، اتي سندس خوب آجيان ٿي هئي. ١٩٦٤ع ۾ سنڌ جي دوري تي پڻ آئي هئي. حيدرآباد ۾ آتمءُ سندري جو شاندار استقبال ڪيو ويو هو. سندري ۽ آتم جو چوڻ آهي تہ سنڌ مان ڪيترائي اديب دوست جڏهن بمبئيءَ ايندا آهن تہ وٽن ضرور ويندا آهن.

آتم مونکي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. ڪنڊ ۾ ڊائننگ ٽيبل پئي هئي. هيءُ ٽيبل سندس لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڏيندي آهي. ڪمري جي ٽنهي پاسن ۾ ڪٻٽ لڳل هئا، جن ۾ ڪتاب ئي ڪتاب هئا. ڪمري جي وچ ۾ هڪ ڊبل بيڊ هو. آتم چيو تہ ٻڌاءِ تہ منهنجي ڪمري ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي جنهن مان منهنجي ذوق جو پتو پوي. مون چيو تہ چئني طرف ڪتاب! پر چيائين تہ نہ - بيڊ تي پيل اجرڪ منهنجو اوڇڻ آهي ۽ ڪتاب منهنجو بوڇڻ. هن جو چوڻ آهي تہ ”ماڻهو المارين ۾ نوٽن جون ٿهيون سنڀالي رکندا آهن، پر مان ڪتاب سانڍي ٿو رکان. مون وٽ اٽ هزار کن ڪتاب آهن.“ —— آتم جو ڪتاب خانو جنهن سليقي سان ترتيب ڏنو ويو هو سو قابل ديد آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ آتم ادبي خدمتن ۾ اهڙو تہ مشغول آهي جو هو پنهنجي صحت جو بہ خيال نٿو ڪري. آتم جي هڪ اک جي بينائي گهٽجي رهي آهي. آتم کي سنڌ سان بي انتها عشق آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ”سنڌ جي



Gul Hayat Institute

سان هليو ويو.

ڪيترن سالن بعد ان ڳالهه جو تجزيو ڪرڻ تي محسوس ٿيو ٿئي ته ان معاملي ۾ واقعي اسان جو ڏوهه هو ۽ هي غريب شيدي لانچ جو ڊرائيور ته ڇا پر اهڙين حالتن ۾ ڪو چيني، انگريز، جپاني يا پاڪستاني مڪراني مهاڻو هانگ ڪانگ، لورپول، اوساڪا يا ڪراچي جي آئوٽر — انڪريج تي اسان جي اهڙي ڪوتاهي ۽ سستي برداشت نه ڪري سگهندو جو ڪوبه پنهنجي لکها رپين جي پيڙي اهڙي خراب سمنڊ ۽ موسم ۾ جهاز سان ٽڪرائي چيتون چيتون ڪرڻ جو جوکم نه کڻندو. جو اها پيڙي غريب مهاڻي جي ڪٽنبن جي روزگار جو واحد وسيلي آهي. پر بهرحال اسان جي دلين تان اهو طوفاني رات وارو واقعو اڃا تائين وسري نه سگهيو آهي. آفريڪا ڪنڌ ڪي ڦيرو ڪندو وقت اها ڳالهه سوچي بدن ۾ جهڙي سيوڪاري تي ويندي آهي.

---


ڌرتيءَ سان محبت ۽ وفا جو
جيئرو جاڳندو آهڃاڻ —

شل اها مسرت اسان سڀني
۾ پيدا ٿئي —

**دادا گرداس واڌواڻي**

سندس نئون ڪتاب

**ڳالهه ٻولهه**

شايع ٿي ويو

قيمت: -/١٢ رپيا


Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

سَکَرَ سائيُ سِکَ، جانهن آيجي عام کي
سمهي رهُه، سيد چئي، پيئي پيالي پِڪَ
نِيڻن جي جو نانهه سين، تني ڏسي تِڪَ
لوڪان چڱي لِڪَ، جي هوءِ مشق حبيب سين.

رکي توڪل تن ۾، پهرين پچائج پاڻُ
سناسي سيد چئي، اهو ئي جاڻج جاڻُ
ڪڏهن ڪي پڄ جي ڪا پڙي، سندو غير گماڻُ
پهرين پڄج پاڻُ، پوءِ پچائج پر پتڻون.

ڪين اُتو ڪين وُٺو، ڪين وسندو ويهي
اوٺي رات، سات چئي، آئندي خبر ڪري
مَڇي مورچا اُتا، اُن جا بگا ڏور ڏيهي
جي برن جا بري، تن پٺ پيئڙن بدا ڏيئين.

جهڙا اڪر ڪڪوريا، تهڙيون لوڙيون سرلڳن
هيڪانديون تي هليون، پَسي ڪي پڪن
ميڙين ڏنڊ ملير ۾، سدا سانڍُي ڪن
سي جڏهن پڪن، عمر! اُڪنڍي آهي ان.

Gul Hayat Institute

○

ٻهرن تي ٻيٺي
رات جنيندي کيترو
ويٺي ڙي ويٺي !

○

کوهيڙي کنهبو
ڳاڙهي ٻڪيءَ ڇهنب سان
ڳائيندي ٽوٻيو .

○

ڪنگ چٽي ڪُرڙي -
جلسي ۾ شاعر ڏسي
اچ آئي ڏرڙي .

○

ويري ٽنهنجي ٻچ !
ڪلرُ کيري کوٽ کي
متان ٻڳهن آچَ !

○

هٿ نه هيون ڪالهه
هيڏيون ٻڳل ڪنگريون
ايڏي ڇڳل مالهه !

○

ٽنڊ ٻيو سيڪو،
ڏس لڳا، ڏر ٻوريا
ٻير سُتو ٻيڪو .

○

هو جي جن نه ڪن،
او شل ٻون مينهڙا
ڪونگا واهه ڪجن !

○

ٽنگڙ ٽهه ٽهه ڪن،
اچ نه ڏنم واٽ تي
گهوٽ متي گهوڙن !

Gul Hayat Institute

# شاهه عنات

سَڪَرِ سائِيءَ سِڪَ، جانهن آچجي عامَ کي
سمهي رهُ، سيد چئي، پي پيالي پِڪَ
نِينهن جنِي جو نانِهه سئين، تني ڏني تِڪَ
لوڪان چڱي لِڪَ، جي هوءِ حضورِ حبيب سين.

★

ڪي توڪل تَنَ ۾، پهرين پچائجُ پاڻُ
سناسي سيد چئي، اهوئي چاڙهجُ چاڻُ
ڪڏي ڇڏج ڪاڻري، سندو غيرُ گمانُ
پهرين پڄج پاڻُ، پوءِ پچائج پر پيتڙون.

★

ڪين اُٺو ڪين وُٺو، ڪين وسندو وري
اوٺي رات، عنات چئي، آندي خبر ڪري
مَچي موچار اٿئا، اُن جا ڏِگا ڏور ڏري ڏُکِي
جي برن جا برِي، تن بند پيٽڙن بدا ڏيئين.

★

جهڙا اڪر ڙڪکور ئا، تهڙيون لوئيون سِر لڳنِ
هيڪانديون ٿي هليون، پُسيَ ڪي پِڪنِ
ميڙين ڏٺُ ملير ۾، سدا ساٿُ ڪنِ
تني جن پکن، عمر! اُڪندي آهيان.

Gul Hayat Institute